# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 2000
# SINDH ORDINANCE NO.I OF 2000
# سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 2000
# THE SINDHPUBLIC SERVICE COMMISSION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2000

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ XI مجريه 1999 جي دفعه 5 جي ترميم

Amendment of section 5 of Sindh Act XI of 1999

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 2000
# SINDH ORDINANCE NO.I OF 2000
# سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 2000
# THE SINDHPUBLIC SERVICE COMMISSION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2000

[15 مارچ 2000]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايت تي سنڌ جو گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ

ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 2000 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ XI مجريہ 1999 جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act XI of 1999

2. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 جي دفعہ 5، ذيلي دفعو (2) ۾ ٻي شرطيہ بيان کانپوءِ هيٺيون نئون شرطيہ بيان جي اضافو ڪيو ويندو:

”حڪومت عوامي مفاد کي نظر ۾ رکندي ڪنهن انفرادي ڪيس جي لاءِ موجوده شرطن ۽ ضابطن جي تحت مقرريءَ جي اجازت ڏئي سگهي ٿي. ان صورت ۾ جڏهن ڪنهن ميمبر جي استعيفيٰ ڏيڻ يا ملازمت جي مدت پوري ٿيڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن عهدو خالي هجي.“

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**